# فيضانِ دعوت اسلامي




پيشڪش: ماهوار فيضان مدينہ (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: فيضان دعوت اسلامي

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# مسلمان دعوت اسلامي

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضان دعوت اسلامي

## درود شريف جي فضيلت

رحمت عالم، نُور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو مان قيامت جي ڏينهن اُن جي شفاعت ڪندس.

(جمع الجوامع للسيوطی، 199/7، حديث:22352)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي ترقي جي ترقي جون راهون

(The paths to the Progress of Dawat-e-Islami)

از: شيخِ طريقت، اميرِ اَهلِ سنّت حضرت علّامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّآر قادري رضوي دامت بَرَکاتُهُمُ العاليه

## فيضانِ دعوتِ اسلامي سيپٽمبر 2023ء

ڪنهن بہ تنظيم جي ترقي جي اسباب مان هڪ سبب ان تنظيم جي افراد ۾ اتفاق ۽ اتحاد (يعني Unity) جو هجڻ بہ آهي، جيڪڏهن يڪجهتي نہ هجي تہ افرادي قوت وڏيڪ هئڻ جي باوجود اها تنظيم ترقي ۽ عروج حاصل نٿي ڪري سگهي. اتفاق جي فضا قائم رکڻ جو درس اسان کي قرآنِ ڪريم ۾ بہ ملي ٿو، ارشاد آهي: (وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوۡا فَتَفۡشَلُوۡا وَ تَذۡهَبَ رِيۡحُكُمۡ) ترجمو ڪنز العرفان: ۽ الله ۽ ان جي

رسول جي اطاعت ڪيو ۽ پاڻ ۾ بي اتفاقي نہ ڪيو نہ تہ توهان بُزدل ٿي ويندؤ ۽ توهان جي هوا (قوت) ٽٽي ويندي.(پ10، الانفال:46) ۽ مسلمانن کي اتفاق ۽ اتحاد جي تعليم ارشاد فرمائيندي رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سيئي مسلمان هڪ عمارت جيان آهن جنهن جو هڪ حصو ٻي کي طاقت پهچائي ٿو ۽ حضور صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي آڱرين ۾ آڱريون وڌيون-(بخاري، 127/2، حديث:2446) هڪ هنڌ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مسلمانن جي پاڻ ۾ دوستي، رحمت ۽ شفقت جو مثال جسم جيان آهي، جڏهن جسم جو ڪو عُضوو بيمار ٿئي ٿو تہ بخار ۽ بي آرامي ۾ سارو جسم ان سان گڏ هوندو آهي.

(مسلم، ص1071، حديث:6586)

ياد رکو! اتفاق ۽ اتحاد(Unity) جو مثال ڌاڳي وانگر آهي، ڌاڳو اڪيلو هوندو آهي تہ معمولي جهٽڪي سان ٽٽي پوندو آهي جيڪڏهن ڪوڙ ڌاڳن کي ملائي رسي ٺاهي وڃي تہ هي ايترا مضبوط ٿي ويندا آهن جو انهن سان وڏين وڏين شين کي ٻڌي ڇڪي سگهجي ٿو، اهو ئي معاملو عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جو بہ آهي، جيئن تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! نمازي بنائڻ واري، سنّتن تي هلائڻ واري غير سياسي انٽرنيشنل ديني تنظيم دعوتِ اسلامي ۾ اتفاق ۽ اتحاد جي فضا قائم آهي ۽ جيستائين اها فضا قائم رهندي دعوتِ اسلامي ديني ڪمن جي صورت ۾ وڌندي ويجهندي ۽ ترقي ڪندي رهندي ۽ جيڪڏهن خدانخواستہ هن ۾ اتفاق ۽ اتحاد ٽٽي ٿي ويو تہ اوهان جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي تنزلي ۽ پستي جو شڪار ٿي سگهي ٿي.(ربُّ العزت هن آفت کان اسان جي حفاظت فرمائي.)

ڪنهن بہ تنظيم ۾ اتفاق ۽ اتحاد (Unity) نہ هئڻ جا ڪوڙ سبب ٿي سگهن ٿا، مثال طور ان ۾ اهڙن ماڻهن جو شامل ٿي وڃڻ جو جن ۾ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت گهٽ هجي يا جذباتي هجن يا وري سيني سان هڪجهڙا تعلقات نہ رکڻ وارا هجن تہ اهڙي طرح ان تنظيم ۾ آهستہ آهستہ گروپ ٺهڻ شروع ٿيندا آهن ۽ بغاوت ڦهلجڻ لڳندي آهي جيڪا ان تنظيم جي لاءِ نقصان ده هوندي آهي، لهٰذا اسان کي هر ان ڪم کان بچڻو آهي جنهن سان اختلاف ۽ انتشار يا رنجش وڌي يا اٽبڻت ٿئي، ۽ هر اهو جائز ڪم ڪرڻو آهي جنهن سان اتفاق ۽ اتحاد جي فضا قائم رهي، ان جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا تمام ذميدار اسلامي ڀائر پنهنجي ماتحت اسلامي ڀائرن کي پيار محبت ڏيندا رهن ۽ انهن سان مرڪي ملندا رهن، وڏن جو ادب ڪن ۽ ننڍن تي شفقت ڪن ۽ پاڻ ۾ گڏجي مشاورت سان ديني ڪم ڪندا رهن، نہ ڪنهن کي دڙڪا ڏين، نہ ڪنهن کي ڇڙٻ ڏين، سيني سان نرمي، شفقت، پيار ۽ محبت سان پيش اچن. گڏوگڏ اسلامي ڀينرون بہ پاڻ ۾ اهو ئي انداز رکن.

فرد قائم ربطِ ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں، بیرونِ دریا کچھ نہیں

وڌيڪ هي تہ اوهان سيني کي منهنجي هي وصيت آهي تہ هميشہ اهو ئي ڪم ڪرڻو آهي جنهن ۾ الله پاڪ ۽ ان جا پيارا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راضي رهن، انهن جي ناراضي وارو ڪم ڪڏهن بہ ناهي ڪرڻو، توڙي جو ان ڪم ۾ بظاهر ڪيترو ئي فائدو نظر اچي. بهرحال جيستائين الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندا رهنداسين، الله پاڪ جي سيني کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت اطهار

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَھُمُ اللّٰہ جي محبت پنهنجي دلين ۾ رکنداسين، انهن جي نقشِ قدم تي هلندا رهنداسين تيستائين ڪاميابي جي منزل ڏانهن وڌندا ويندا سين، اِنْ شَآءَ اللّٰہ! ۽ جيڪڏهن اوهان هن راهه کان هٽندؤ ته پوءِ ڪاميابي ناممڪن آهي. اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کي پنهنجو معيار بڻايو، مون سندن سيرت بابت پڙهيو آهي، سندن فتاويٰ ڏٺا آهن، پاڻ صرف اها ئي ڳالهه ڪن ٿا جيڪا قرآن ۽ حديث جي مطابق هجي، مون ان ڪري سندن دامن پڪڙيو آهي جو هي اسان کي قرآن ۽ حديث جي راهه تي هلائي رهيا آهن، اسان به جيڪڏهن سندن تعليمات تي عمل ڪندا رهنداسين ته ناڪامي جو ڪو سبب ناهي.

يقيناً اسان جي منزل الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا ماڻڻ ۽ جنّت ۾ وڃڻو آهي، ان جي لاءِ جدوجهد جاري رکو، ۽ ڪڏهن به پنهنجي دعوتِ اسلامي کي نه ڇڏجو! بلڪ جيڪڏهن ڪو ڌڪو به ڏي ته عشقِ رسول جا جام پيئارڻ واري، نمازي بنائڻ واري دعوتِ اسلامي مان اوهان کي ناهي نڪرڻو، هن سان گڏ رهڻو آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰہ هي سنّتن تي هلائڻ واري دعوتِ اسلامي اوهان کي ضرور پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن تائين پهچائي ڇڏيندي ۽ سندن قدمن ۾ رکندي. تمام دعوتِ اسلامي وارا ۽ واريون مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا وفادار رهن، شريعت جي دائري ۾ رهندي، شوريٰ جي رڪنن سميت پنهنجي پنهنجي ذمه دارانِ دعوتِ اسلامي جي اطاعت ڪندا رهن، جيستائين شريعت حڪم نه فرمائي ان وقت تائين ان جي مخالفت نه ڪريو، ان جي باري ۾ اجائي تنقيد ڪرڻ وارن، خلاف ڳالهائڻ وارن ۽ لابنگ ڪرڻ وارن کان پري رهو. الله

پاڪ تبليغِ قرآن و سنّت جي انٽر نيشنل تنظيم دعوتِ اسلامي ۾ اتفاق ۽ اتحاد (يعني Unity) قائم رکي ۽ ان کي پيچ ڏاھ ۽ بري نظر کان بچائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَحابہ اور ولیوں کی، مَحبّت دل میں ڈالی ہے
لٰہٰذا دعوتِ اسلامی بھی ہر گز نہ چھوڑیں گے
ہمارا عہد ہے کہ دعوتِ اسلامی کو ہر گز
کبھی بھی ہم نہ چھوڑیں گے کبھی ہر گز نہ چھوڑیں گے

(نوٽ: ھي مضمون 2021ء ۾ دعوتِ اسلامي کي چاليه سال مکمل ٿيڻ تي هڪ خصوصي انٽرويو ۾ اميرِ اهلِ سنّت دامت بَرَکَاتُھُمُ العالیه سان ڪيل سوال جي جواب جي روشني ۾ تيار ڪيو ويو آهي.)

## نيڪ اعمال جي ضرورت

خليفه اميرِ اهلِ سنت مولانا الحاج ابو اُسيد عبيدرضا عطاري مَدَني مدظله العالي
فيضانِ دعوتِ اسلامي سِتمبر 2023ء

هڪ شهر کان ٻي شهر وڃڻ جي لاءِ هر شخص ضرورت مطابق سفر جو سامانِ ساڻ کڻي هلندو آهي، جيڪڏهن سفر مختصر ۽ گهٽ مدّت تي مشتمل هجي تہ سامان بہ ان حساب سان گهٽ هوندو آهي، ان جي ابتڙ جيڪڏهن سفر ڊگهو ۽ ڪُجھ عرصو رھڻو هجي تہ انهي مقدار ۾ سفر جو سامان ساڻ رکيو ويندو آهي. دنيا ۾ ايندڙ هر شخص ڄڻ مسافِر آهي جيڪو عالمِ ارواح کان عالَمِ دنيا ۾ آيو ۽ هاڻي عالمِ برزخ ڏانهن وڃندو پيو وڃي. حيرت جي ڳالھ هي آهي تہ دنيا جي سفرن ۾ پنهنجي زادِ راه جي گهٽتائي يا گهٽتائي جو گهڻو خيال رکڻ ۽ ڪيئي ڪيئي ڏينهن پهريان کان تياري ڪرڻ وارو نادان انسان، اُخروي سفر جيڪو ڪڏهن بہ ان کي هن جهان مان ڪڍي هُن جهان ۾ پهچائي سگهي ٿو، ان جي تياري ۾ ڪاهل ۽

سُست نظر ايندو آهي. منهنجي هن ڳالھ جو مشاهدو هر باشعور ماڻهو ڪري سگهي ٿو. هتي غالب جو هڪ شعر وڏو سبق آموز آهي:

ٹھکانہ قبر ہے تراعبادت کچھ تو کر غالب
کہاوت ہے کہ خالی ہاتھ گھر جایا نہیں کرتے

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“ دنيا ۾ رهندڙ تقريباً هر شخص، ننڍي، وڏي، جوان، پوڙهي، مرد و عورت جي لاءِ هڪ عظيم نعمت کان گهٽ نہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آخرت جي سفر جو ثمر گڏ ڪرڻ جي لاءِ هن ۾ هر هڪ جي لاءِ اصلاح جو سامان موجود آهي. هونئن تہ دعوتِ اسلامي جا اهم ترين بنيادي 12 ديني ڪم بہ عظيم نيڪين تي مشتمل آهن، البت اصطلاحاً ڪيئي فرض ۽ واجب ۽ سنتن ۽ مستحبات تي مشتمل هڪ رسالي جو نالو”نيڪ اعمال“ آهي.

جنهن ۾ ٻارن جي لاءِ 40، اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 ۽ عالِم ڪورس ڪرڻ واري شاگرد (Students) جي لاءِ 92 ۽ عالِمہ جو ڪورس ڪرڻ وارين شاگرديائڻين جي لاءِ 83، گونگن ٻوڙن ۽ نابين افراد (اسپيشل پرسنز) جي لاءِ 27 ”نيڪ اعمال“ آهن. هن مختصر ۽ جامع رسالي کي غور سان ڏسندؤ تہ هن ۾ نمبر 01 کان وٺي آخر تائين مختلف ديني، اخلاقي، معاشرتي اصلاح جون راهون سوالن جي صورت ۾ موجود آهن. مختلف گناهن مثلاً چوري، ڌاڙو، شراب پيئڻ، بدنگاهي، بي پردگي، نمازن کان غفلت، زڪوٰة يا حقوق العباد جي معاملي ۾ لاپرواهي، الغرض هر قسم جي گناهن کان بچائڻ جي لاءِ ”نيڪ اعمال“ نالي رسالي تي عمل ڪرڻ، بگڙيل سماج، پُرفتن حالتن، گناهن ۽ بداخلاقين جي طوفان

جي اڳيان ڄڻ بند ٻڌڻ جي مترادف آهي. منهنجي والدِ محترم، اميرِ اهلِ سنّت علامہ محمد الياس عطّار قادري دامت بَرَكاتُهُمُ العاليه نيڪ اعمال جي هن رسالي ۾ ڄڻ سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. رِضاءِ الٰهي، اخلاص ۽ استقامت سان هنن نيڪ اعمال کي اپنائڻ وارو نہ صِرف آخرت جي سفر جو ثمر جمع ڪرڻ وارو سڌرائيندو بلڪ اهو معاشري جو ”معزز شخص“ بہ ٿيندو. الله پاڪ جي فضل سان ۽ خاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فيضان سان، اميرِاهلِ سنّت دامت بَرَكاتُهُمُ العاليه اصلاحِ اُمّت جو جيڪو ذمو کنيو آهي اُن ۾ خوب ترقي و ڪاميابي ماڻي آهي. ان مردِ قلندر جي حڪمت و دانائي ۽ نيڪي جي دعوت جي عظيم تڙپ سان ڪروڙين مسلمانن جي اصلاح ٿي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي عالمِ اسلام ۾ هڪ تمام وڏو انقلاب جو مقام رکي ٿو. فقط معاشرتي بُرائين تي تبصرو ڪرڻ جي بدران پنهنجو پاڻ ۾ موجود بُرائين کي پري ڪيو. اِنْ شَآءَالله بِگاڙ سُڌار ۾ بدلجندو ويندو. الله ڪريم! اسان کي نيڪ اعمال تي عمل ڪرڻ جي توفيق عنايت فرمائي ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏيارڻ جي سعادت بخشي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي ڪڏهن پوئتي ناهي هٽي

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جو نگران مولانا حاجي محمد عمران عطّاري

فيضانِ دعوتِ اسلامي سيپٽمبر2023ء

شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرت علاّمہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دامت بَرَكاتُهُمُ العاليه ارشاد فرمائن ٿا: ”جڏهن کان دعوتِ اسلامي ٺهي آهي هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ پوئتي ناهي هٽي.“

مَاشَآءَ اللهُ چا ڳالھ آھي دعوتِ اسلامي جي! اميرِ اھلِ سنّت دامت برکاتھم العاليہ نور مسجد(ڪاغذي بازار، ميٺادر، ڪراچي) ۾ امامت ڪندا ھئا ۽ اتان کان پاڻ 2 سيپٽمبر 1981ء تي دعوتِ اسلامي جي ديني ڪم جي شروعات فرمائي، ڪراچي شھر کان دعوتِ اسلامي جي ابتداء ٿي ۽ اڄ سڄي دنيا جي اٽڪل 164 ملڪن ۾ ديني ڪمن جو سلسلو جاري آھي.

**ھفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع:** دعوتِ اسلامي جو ھفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع شروع ڪرڻ جو ذھن بڻيو، ان جي ڪراچي ۾ خوب تشھير ڪئي وئي ۽ جڏھن ھي اجتماع شروع ٿيو تہ ان وقت کان وٺي ھاڻي تائين ھي اجتماع پوئتي ناھي ويو، بلڪ وڌندو ئي ويو آھي ۽ وڌندي وڌندي دعوتِ اسلامي جي تحت اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جا پاڪستان ۾ 10 ھزار 697، جڏھن تہ پاڪستان کان ٻاھر 1100 جي تعداد ۾ ھفتيوار سنّتن ڀريا اجتماع ٿي رھيا آھن.

**مدني مرڪز فيضانِ مدينہ:** جڏھن دعوتِ اسلامي جو ھفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع شروع ٿيو تہ ان وقت دعوتِ اسلامي جو پنھنجو ڪوبہ فيضانِ مدينہ نہ ھيو، اميرِ اھلِ سنّت دامت برکاتھم العاليہ فرمائن ٿا تہ حضرت علّامہ مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي صاحب رحمۃ اللہ علیہ پنھنجي مسجد گلزارِ حبيب ڏني ۽ اتي اجتماع شروع ٿيو، جڏھن اجتماع ۾ شريڪ ٿيندڙن جو تعداد وڌيو ۽ اجتماع جي لاءِ اھا مسجد ناڪافي ٿي وئي تہ محلہ سوداگران، پُراڻي سبزي منڊي ۾ جڳھ خريد ڪري دعوتِ اسلامي جو پھريون فيضانِ مدينہ بڻايو ويو، ان کان بعد دعوتِ اسلامي پوئتي نہ وئي ۽ نھندي نھندي اڄ دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪزن بنام فيضانِ مدينہ جو تعداد 417 آھي.

**مسجدن جي تعمير:** اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي مجلس خُدّامُ المَساجِد و المدارس و تعميرات تحت وقت بہ وقت مسجدون بنائڻ جو سلسلو رهي ٿو ڪٿهن فيضانِ جمالِ مصطفيٰ جي نالي سان مسجدون ٺهايون وڃن ٿيون تہ ڪٿهن فيضانِ مشڪل ڪشا جي نالي سان مسجدون جوڙيون ويون تہ ڪٿهن فيضانِ امير معاويہ جي نالي سان مسجدون ٺهايون ويون تہ ڪٿهن فيضانِ قرآن جي نالي سان مسجدون ناهيون وڃن ٿيون هينئر تائين 4 هزار 548 مسجدون ٺهايون ويون آهن.

**مدرسة المدينہ بالغان ۽ بالغات:** مدرسة المدينہ بالغان ۽ بالغات جو سلسلو شروع ٿيو تہ هي بہ دعوتِ اسلامي جڏهن کان شروع ڪيو آهي تڏهن کان هاڻي تائين پوئتي ناهي ويو بلڪ اڳتي ئي وڌندو پيو وڃي ۽ وڌندي وڌندي اڄ دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ بالغان ۽ بالغات جو تعداد ڪم وبيش 92 هزار 948 آهي.

**مدرسة المدينہ بوائز ۽ گرلز:** ٻارن ۽ ٻارڙين جي مدارسُ المدينہ جي ڳالهہ ڪريون تہ جڏهن هي شروع ٿيا تہ ٿوري تعداد ۾ هئا پر هاڻي وڌندي وڌندي انهن جو تعداد 4 هزار 980 تي چڪو آهي.

**جامعة المدينہ بوائز ۽ گرلز:** اهڙي طرح جامعة المدينہ بوائز ۽ گرلز شروع ٿيا تہ هڪ بہ ئي هئا پر اڄ وڌندي وڌندي پاڪستان ۾ جامعة المدينہ بوائز ۽ گرلز جو تعداد 1035 آهي جڏهن تہ اوورسيز ۾ 339 آهي.

**فيضان آن لائن اڪيڊمي بوائز ۽ گرلز:** اهڙي طرح فيضان آن لائن اڪيڊمي بوائز ۽ گرلز شروع ٿيا پوءِ دعوتِ اسلامي پوئتي نہ نهاريو. هڪ ٻن شاخن کان شروع ٿيندڙ فيضان آن لائن اڪيڊمي جو تعداد هن وقت 47 تي چڪو آهي، جن مان اٽڪل 43 هزار 61

شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. جڏهن تہ في الوقت آن لائن اڪيڊمي ۾ 22 هزار کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم پرائي رهيا آهن.

**مدني قافلہ:** اهڙي طرح مدني قافلن ۾ سفر شروع ٿيو تہ ابتداء ۾ ٻہ چار ئي قافلا سفر ڪندا هئا، پر ان کان پوءِ دعوتِ اسلامي پوئتي نہ نهاريو ۽ وڌندي وڌندي پاڪستان ۾ مدني قافلن جو تعداد 23 هزار 753 ۽ سفر ڪرڻ وارن جو تعداد هڪ لک 66 هزار 271 جڏهن اوورسيز ۾ مدني قافلن جو تعداد 659 آهي ۽ سفر ڪرڻ وارن جو تعداد 5 هزار 345 آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه هي سفر جاري رهندو.

**دارُالافتاء اهلسنت (دعوتِ اسلامي):** 15 شعبان شريف 1421 مطابق 2000ء تي قائم ڪيو ويو ۽ ان وقت کان دعوت اسلامي پوئتي ناهي وئي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي لکڻ تائين پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ دارُ الافتاء اهلسنت جون 14 شاخون قائم ٿي چڪيون آهن.

**تحريري ڪم:** اميرِ اهلِ سنّت دامت بَرَڪَاتُهُمُ العاليه تحريري ڪم جو آغاز فرمايو ۽ سڀ کان پهريون رسالو ”تذڪره امام احمد رضا“ تحرير فرمايو ۽ هينئر تائين 146 ڪتاب ۽ رسالا لکي چڪا آهن جن جي صفحن جو مجموعي تعداد 13 هزار کان وڌيڪ آهي جڏهن تہ اڻ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن جي صفحن جو تعداد تقريباً 13 سو آهي.

**المدينة العلميہ:** المدينة العلميہ (Islamic Research Center) شروع ٿيو تہ ان وقت چند ئي ڪتابن تي ڪم ٿيو هيو پر هاڻي وڌندي وڌندي تقريباً 848 ڪتابن ۽ رسالن تي تحرير، تحقيق، تخريج ۽ ترجمي جو ڪم ٿي چڪو آهي ۽ وڌيڪ ڪم جاري آهي.

**مڪتبة المدينہ:** جڏهن مڪتبة المدينہ جو آغاز ٿيو تہ ان وقت هڪ ئي هو پر هاڻي وڌندي وڌندي ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ انهن جو تعداد تقريباً 150 تي چڪو آهي.

**مدني چينل:** دعوت اسلامي، اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ 2008 ۾ دنيا جو منفرد سو سيڪڙو اسلامي چينل ”مدني چينل“ جو اردو زبان ۾ آغاز ڪيو، پوءِ دعوتِ اسلامي پوئتي نہ هٽي. 2023 ۾ مدني چينل اردو سان گڏوگڏ عربي، انگلش ۽ بنگلا زبان ۾ بہ نشريات پيش ڪري رهيو آهي. مدني چينل ٻارن جي لاءِ بہ ”ڪڊز مدني چينل“ جي نشريات پيش ڪندو آهي. اڄ مدني چينل جا ناظرين لکن جي تعداد ۾ آهن.

**سوشل ميڊيا:** 11 نومبر 2015ء تي سوشل ميڊيا دعوتِ اسلامي جي ڊپارٽمنٽ جو آغاز ٿيو، پوءِ دعوتِ اسلامي پوئتي نہ هٽي. صرف 9 ماڻهن کان اسٽارٽ ٿيڻ واري هن ڊپارٽمنٽ جا هاڻي 10 سَب ڊپارٽمنٽ آهن. 50 کان وڌيڪ فيس بڪ پيجز، 30 کان وڌيڪ يوٽيوب چينلز، 10 ٽوئٽر اڪاؤنٽس، 11 انسٽا گرام اڪاؤنٽس سميت واٽس ايپ گروپس، اي ميل گروپس سميت ڪيئي سوشل سائٽس تي هن مهل دعوتِ اسلامي، اسلامي تعليمات عام ڪري رهي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ”سوشل ميڊيا ڊپارٽمنٽ“ تقريباً ساڍا چار ڪروڙ ماڻهن تائين درست اسلامي معلومات پهچائي رهيو آهي.

ان کان علاوه دعوتِ اسلامي جا ڪيئي ديني ڪم آهن، جيڪڏهن اوهان تمام ديني ڪمن جو جائزو وٺندؤ تہ اوهان هن نتيجي تي پهچندؤ بلڪ شايد اوهان پڙهندي پڙهندي هي ڳالهہ چوندؤ تہ ” اَلْحَمْدُ لِلّٰه! جڏهن کان دعوتِ اسلامي نهي آهي هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ پوئتي ناهي

هتي.“ الله پاڪ دعوتِ اسلامي کي نظرِ بد کان بچائي ۽ خوب ترقي و عروج عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ! کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

## دعوت اسلامي جي ديني ڪمن جون جهلڪيون

### دعوت اسلامي ۾ اسلام قبول ڪرڻ جا واقعا

اسلام اهڙو عظيم ۽ شان وارو دين آهي جو جيئن ئي ڪو ماڻهو ان ۾ ڪلمو پڙهي داخل ٿيندو آهي ته ان جا اڳوڻا سيئي گناهه مٽجي ويندا آهن، اڄ به اسلامي تعليمات ۽ نبوي اخلاق کي پڙهي ۽ ٻڌي ۽ اسلام جي مبلغن جي اخلاص ڀري ڪوشش سان ڪافر اسلام قبول ڪري رهيا آهن. جيئن ”دعوت اسلامي“ جي مبلغين جي ڪوشش سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اسلام قبول ڪرڻ جي ايماني واقعن جون خبرون ملنديون رهنديون آهن. آگسٽ 2022 کان آگسٽ 2023 جي وچ ۾، هن هڪ سال ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارن جو تعداد ڪم و پيش 8 هزار آهي.

### دعوت اسلامي جون ٻيون ديني خدمتون

**مدارسُ المدينہ (بوائز ۽ گرلز)** ٻارن ۽ ٻارڙين جي مدارسُ المدينہ جي ڳالهه ڪريون ته جڏهن هي شروع ٿيا ته ٿوري تعداد ۾ هئا پر هاڻي وڌندي وڌندي انهن جو تعداد 4 هزار 980 تي پهچي چڪو آهي. جڏهن ته دعوت اسلامي پنهنجي 42 سالن ۾ هر سال تقريبن 118 مدرسا قائم ڪيا.

**جامعة المدينہ (بوائز ۽ گرلز)** اهڙي طرح جامعة المدينہ بوائز ۽ گرلز شروع ٿيا تہ هڪ بہ ئي هئا پر اج وڏندي وڏندي پاڪستان ۾ جامعة المدينہ بوائز ۽ گرلز جو تعداد 1035 آهي جڏهن تہ اوورسيز ۾ 339 آهي.

**فيضان آن لائن اڪيڊمي (بوائز ۽ گرلز)** اهڙي طرح فيضان آن لائن اڪيڊمي بوائز ۽ گرلز شروع ٿيا پوءِ دعوتِ اسلامي پوئتي نہ نهاريو. هڪ ٻن شاخن ڪان شروع ٿيندڙ فيضان آن لائن اڪيڊمي جو تعداد هن وقت 47 تي چڪو آهي، جن مان اٽڪل 43 هزار 61 شاگرد ۽ شاگرداڻيون تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. جڏهن تہ في الوقت آن لائن اڪيڊمي ۾ 22 هزار ڪان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگرداڻيون تعليم پرائي رهيا آهن.

### دارُالافتاء اهلسنت (دعوتِ اسلامي):

15 شعبان شريف 1421 مطابق 2000ء تي قائم ڪيو ويو ۽ ان وقت ڪان دعوت اسلامي پوئتي ناهي وئي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي لکڻ تائين پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ دارُ الافتاء اهلسنت جون 14 شاخون قائم ٿي چڪيون آهن.

### المدينة العلميہ (Islamic Research Center)

شروع ٿيو تہ ان وقت چند ئي ڪتابن تي ڪم ٿيو هيو پر هاڻي وڏندي وڏندي تقريباً 848 ڪتابن ۽ رسالن تي تحرير، تحقيق، تخريج ۽ ترجمي جو ڪم ٿي چڪو آهي ۽ وڌيڪ ڪم جاري آهي.

### FGRF (ايف جي آر ايف)

غريبن، مسڪينن، مسافرن، لاچارن، زميني ۽ آسماني قدرتي آفتن ڪان متاثر ماڻهن جي مدد ۽ خيرخواهيءَ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو FGRF (فيضان گلوبل رليف فنڊ) مسلمانن جي ڀلائي جي ان عظيم

جذبي تحت فلاحي ڪمن ۾ مصروف آهي، آگسٽ 2022 ڪان جُون 2023 تائين هن شعبي ۾ لڳ ڀڳ 48 لک 46 هزار 547 ماڻهو ڪي 52 ڪروڙ 20 لک 63 هزار 900 روپين جي ماليت جو پڪل کاڌو فراهم ڪيو ويو، تقريبن 2 لک 99 هزار 675 خاندانن کي هر مهيني پيٽ جي پاڻي سان گڏوگڏ راشن فراهم ڪيو ويو ۽ انهن جي آساني لاءِ خيمن ۽ خيمن ڪان علاوه ڪپڙن، بسترن ۽ ٻين ضروري شين جو انتظام ڪيو ويو. ڪيمپ (امداد گڏ ڪرڻ لاءِ)، گهرن جي تعمير ۽ مرمت ۽ بلڊ ڪيمپ جو به انتظام ڪيو ويو.

**وڻڪاري:** FGRF پنهنجي آغاز ڪان وٺي پياري ملڪ پاڪستان جي ماحوليات جي بهتري لاءِ وڻڪاري جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جيڪو جاري آهي، هن وقت تائين اٽڪل 25 لک بوٽا لڳايا ويا آهن، جن مان ڪيترائي وڻ به ٿي چڪا آهن.

**سوشل ميڊيا جي ميدان ۾** 50 ڪان وڌيڪ فيس بڪ پيجز، 30 ڪان وڌيڪ يوٽيوب چينل، 10 ٽوئيٽر اڪائونٽس، 11 انسٽاگرام اڪائونٽس سميت واٽس اپ گروپس، اي ميل گروپس، وڪيپيڊيا، ٽڪ ٽاڪ ۽ ٻين ڪيترين ئي سوشل سائيٽن تي دعوت اسلامي جو مستند مواد شايع ڪيو وڃي ٿو. دعوت اسلامي جا مجموعي طور سوشل ميڊيا تي 100 ڪان وڌيڪ اڪائونٽ آهن، جن ۾ فالوورز جو انگ 470 ملين يعني 47 ڪروڙ آهي، جڏهن ته ڏسندڙن جو انگ 100 ڪروڙ ڪان به وڌيڪ آهي. سوشل ميڊيا دعوت اسلامي پاڪستان، آمريڪا، آفريڪا، انڊونيشيا، افغانستان، فرانس، لنڊن، پيرس، عرب شريف سميت سڄي دنيا ۾ علم جي طلبگارن کي علم پهچائي رهيو آهي. Facebook تي 6.6 Billion ويوز، يوٽيوب تي

29 ملين ويوز جو تعداد، انسٽاگرام تي 3.2 ملين، ٽوئيٽر تي 6.7 ملين، واٽس اپ تي روزانو +170k، اي ميل تي +110k ماڻهن جو تعداد هوندو آهي.

**دعوت اسلامي اسلامي ڀينرن لاءِ** ۽ هن تنظيم تحت خاص اسلامي ڀينرن لاءِ ديني ڪمن جي اشاعت ۽ ترويج لاءِ ڪيترائي شعبا قائم ڪيا آهن. دعوت اسلامي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ 10265 مدرسةالمدينہ بالغات قائم آهن، جن ۾ 98 هزار 693 اسلامي ڀينرون پڙهي رهيون آهن. وري قرآن شريف مڪمل ڪندڙ عورتن کي بهترين معلمہ بڻائڻ لاءِ مختلف ڪورسن جو بہ اهتمام ڪيو ويو آهي، مثال طور ❁ 12 ڏينهن جو مدني قاعده معلمہ ڪورس (رهائشي) ❁ 26 ڏينهن جو مدني قاعده ڪورس (غير رهائشي) ❁ 6 مهينن جو ناظره قرآن ڪورس (غير رهائشي) ❁ 90 ڏينهن ۽ 63 ڏينهن جو تجويد ڪورس ❁ 41 ڏينهن جو معلمہ مدني قائده ڪورس. آگسٽ 2022 کان جولاءِ 2023 تائين 4 هزار 26 ڪورس ڪرايا ويا جن ۾ 70 هزار 82 عورتن شرڪت ڪئي. دعوت اسلامي ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ سوين جامعة المدينہ گرلز ٺاهيا آهن. جتان کان هن وقت تائين 13 هزار 495 اسلامي ڀينرون دين جي علم جون برڪتون ماڻي سڄي دنيا ۾ دين جي علم کي ڦهلائڻ ۾ مصروف آهن. هن شعبي تحت 8 وڏيڪ ڪورس بہ ڪرايا وڃن ٿا.

## اندازِ اميرِ اهلِ سنت جي انفراديت

دعوت اسلامي کي lead ڪرڻ واري شخصيت شيخِ طريقت اميرِ اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة آهن جن الله رب العالمين جي ڏنل توفيق سان دعوتِ اسلامي

کي ٻڌايو. ترقيءَ جي راهه تي هلايو، دعوت اسلامي جي بقا ۽ تسلسل ۾ سندن انداز وڏي اهميت رکي ٿو. امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو جذبو آهي ته اسان جو ڳالهائڻ لکڻ ايترو آسان هجڻ گهرجي جو ٻڌڻ واري پڙهڻ واري کي سمجهه اچي سگهي، ان لاءِ سندن بيان ڪندي، مدني مذاڪري ۾ سوالن جا جواب ڏيڻ وقت ۽ ڪتاب وغيره لکڻ وقت مشڪل الفاظن کي آسان لفظن سان بدلي ڇڏيندا آهن يا بريڪٽ ۾ اُن جو مطلب لکي ڇڏيندا آهن، يا هن لفظ جي انگريزي ۾ ڳالهائيندا يا لکي ڇڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ماڻهو اردو لفظ سمجهي ناهن سگهندا، پر جڏهن انهن کي اهو ئي لفظ انگريزيءَ ۾ ٻڌايو ويندو آهي ته هو سمجهي ويندا آهن.

## مسلمانن جون زندگيون تبديل ڪرڻ ۾ دعوت اسلامي جي تنظيمي نظام جو ڪردار

دعوت اسلامي جي ذريعي پيدا ٿيڻ واري هن مثبت انقلاب جي پنيان هڪ مضبوط نظام قائم آهي. اوهان جي پاڙي ۾ موجود مسجد دعوت اسلامي جو هڪ ذيلي حلقو آهي، اهڙن ڪجهه ذيلي حلقن سان ملي ڪري هڪ وارڊ ٺهبو آهي، ڪجهه وارڊ ملي ڪري يوسي، پوءِ ٽائون/تحصيل، ضلعو، صوبو، صوبي کان مٿي ملڪ، سڀ کان مٿي مرڪزي مجلس شوريٰ قائم آهي، لکڻ وقت مرڪزي مجلس شوريٰ جا 26 ميمبر آهن، جن ۾ ملڪَ ۽ شعبا ورهايل آهن. هر سطح تي ذميدار موجود آهن، هر هينئين ذميدار پنهنجي مٿانهيءَ واري ذميدار جي فرمانبرداري ڪندي ڪم ڪري رهيو آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلس شوريٰ تائين، سڀ

پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ مصروف دعوت اسلامي جي ديني ڪمن کي ويتر وڌائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن.

پوءِ مجلسن جو نظام آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! 80 کان وڌيڪ شعبا قائم آهن، هر شعبي جي هڪ مجلس آهي، جنهن ۾ ذيلي ذميدار، وارڊ ذميدار، يوسي ذميدار ۽ اڳتي وڌندي ان کا مٿان نگرانِ مجلس، ان کان مٿي ان شعبي کي ڏسڻ وارو رڪنِ شوريٰ مقرر آهي.

هي سڄو تنظيمي نظام (اسٽريڪچر) گهٽين، پاڙن، ننڍن ڳوٺن، وڏن علائقن تائين پکڙيل آهي. اهڙي طرح هر ننڍو وڏو نظم و ضبط جو خيال رکندي دين جي خدمت ۾ مصروف رهندو آهي.

**DAWATEISLAMI**

www.dawateislami.net

# قرآن جي خدمت، دين جي ڳالهه
# دعوت اسلامي سان گڏ

**2ND SEPTEMBER | YOUM-E-DAWAT-E-ISLAMI**



اَلْحَمْدُ لِلّٰه رب ڪريم جا ڪروڙ احسان ۽ ان جي پياري پياري رسول صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي نگاهِ عنايت سان تبليغ قرآن و سنت جي غير سياسي انٽرنيشنل تنظيم دعوت اسلامي کي ديني ۽ فلاحي ڪم ڪندي تقريباً ٤٢ سال ٿي چڪا آهن. اسان الله پاڪ جي هن خاص فضل تي ان جو شڪر ادا ڪيون ٿا ۽ دعا ڪيون ٿا ته شروعات کان وٺي ڪري هاڻي تائين هر ان مسلمان کي جزاءِ خير عطا فرمائي جنهن ڪنهن صورت ۾ دعوت اسلامي کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو حصو ملايو. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النّبيّٖن صلی اللہ علیہ والہ وسلم

#ILOVEDAWATEISLAMI

#DAWATEISLAMIDAY